SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1995
SINDH ORDINANCE NO.X OF 1995
سنڌ گدامن جي رجسٽريشن آرڊيننس، 1995
THE SINDH REGISTRATION OF GODOWNS ORDINANCE, 1995
فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short Title, extent and commencement
2. وصفون
Definition
3. ضروري شيون جمع ڪرڻ
Stocking of essential articles
4. گدام جي رجسٽريشن
Registration of Godown
5. رڪاردز جي سار سنڀال ۽ چنڊ چاڻ\
Maintenance and inspection of records
6. جاچ جو اختيار
Power of search
7. اپيل
Appeal
8. ڏنڊ
Penalty
9. قاعدا جوڑڻ جو اختيار
Power to make rules

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1995

SINDH ORDINANCE NO.X OF 1995

سنڌ گدامن جي رجسٽريشن آرڊيننس، 1995

THE SINDH REGISTRATION OF GODOWNS ORDINANCE,

1995

[12 ڊسمبر 1995]

تمهيد (Preamble)

آردیننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ گدامن جي رجسٽريشن ڪئي ويندي؛

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ عوام جي مفاد وٹان گدامن جي رجسٽريشن ضروري ٿي پئي آهي ؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٹيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٹيون آردیننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short Title, extent and commencement

1.(1)هن آردیننس سنڌ گدامن جي رجسٽريشن آردیننس، 1995 سڏيو ويندو.

(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي؛

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definition

2.(1)هن آردیننس ۾، جيستائين ڪجهه مقصد ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(i)"ضروري شئي" مطلب شئي جيڪا حڪومت طرفان بيان ڪئي وئي هجي؛

(ii)"گدام" مطلب ڪا ضروري شئي جمع ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيل احاطو ۽ جنهن ۾ شامل آهن، ويئر هائوس، ڪولڈ اسٽوريج يا ڊيپوٽ؛

(iii)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(iv)"مالڪ" مطلب گدام جو مالڪ ۽ جنهن ۾ شامل

آهي اهو ماڻهو جنهن کي گدام جي سار سنپال سونپيل هجي؛

(v)"بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(vi)"رجسٽر ڪندڙ اختياري" مطلب فراهمي ۽ اگهن جي بيورو جو ڊائريڪٽر جنرل يا حڪومت طرفان اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل ٻيو ڪو عملدار.

3.ڪا به ضروري شئي گدام ۾ گڏ يا جمع نه ڪئي ويندي جيستائين گدام هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب رجسٽرڊ نه هجي.

ضروري شيون جمع ڪرڻ
Stocking of essential articles

گدام جي رجسٽريشن
Registration of Godown

4.(1)مالڪ هن آرڊيننس جي شروعات کان ٽيهن ڏينهن اندر گدام اڳواٽ قائم هڻڻ جي صورت ۾ ۽ نئين گدام جي تعمير يا قيام جي ست ڏينهن جي اندر، رجسٽريشن اٿارٽي کي ان جي گدام جي رجسٽريشن لاءِ ڇاڻايل طريقي موجب درخواست ڏيندو.

(2)رجسٽرنگ اٿارٽي اهڙي درخواست ملڻ تي اهڙي چنڊ ڇاڻ ڪندي، ۽ مالڪ کان اهڙي معلومات طلب ڪندي جيڪا گهربل هجي.

(3)جيڪڏهن رجسٽرنگ اٿارٽي ڪرايل جاچ مان مطمئن هجي ته درخواست ۾ فراهم ڪيل معلومات يا گدام جي سلسلي ۾ مالڪ طرفان ڏنل معلومات درست آهي ته اها گدا کي رجسٽر ڪندي.

رڪارڊز جي سار سنپال ۽ چنڊ ڇاڻ\
Maintenance and inspection of records

(4)مالڪ جنهن جو گدام رجسٽرڊ هجي اهو هن آرڊيننس جي گنجائشن، قاعدن ۽ هدايتن، جيڪڏهن ڪي هجن، جيڪي ڪيس رجسٽرنگ اٿارٽي طرفان گدام يا ضروري شين جي رکڻ جي جاءِ جي سلسلي ۾ ڏنيون ويون هجن، انهن تي عمل جو پابند هوندو.

جاچ جو اختيار

5.مالڪ گدام ۾ ضروري شيون رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ بابت اهڙا ڪتاب، اڪائونٽس ۽ انهن سان لاڳاپيل رڪارڊ رکندوءِ اهڙي لاڳاپيل معلومات طلب ڪرڻ تي رجسٽرنگ اٿارٽي کي فراهم ڪندو.	Power of search
6.رجسٽرنگ اٿارٽي هن آرڊيننس تحت رجسٽرڊ گدام ۾ داخل ٿي ۽ جاچ ڪري سگهي ٿي ۽ ڪنهن ضروري شئي تي پابندي وجهي سگهي ٿي، جنهن پابت اٿارٽي وٽ سبب هجن ته مالڪ طرفان فراهم ڪيل معلومات درست نه هئي يا رجسٽرنگ اٿارٽي جي هدايتن جي پيڪڙي ڪئي پئي وڃي يا ڪئي ويندي.	اپيل Appeal ڏنڊ Penalty
7.رجسٽرنگ اٿارٽي جي حڪم کان متاثر ڪو به شخص حڪم جي ٿيهن ڏينهن اندر حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.	قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules
8. جيڪو به هن آرڊيننس يا ڪيل حم يا رجسٽرنگ اٿارٽي طرفان جاري ڪيل هدايتب جي پيڪڙي ڪري تو ان کي قيد جي سزا جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو هڪ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو.	
9.حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشون کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.	
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	